# EDITORIAL PAGE


*MEDIA COMMITTEE*

**DR. NASIR JAMAL PATHAN**

*(Chair) & Editor Sangat*

**FAISAL SHAHZAD MEMON**

*VICE CHAIR*

**IRFAN ALI LARIK**

*VICE CHAIR*

Noshad Ali Shaikh | Aish Riyaz Memon | Dr. Hamid Nawaz Ali
Roohi Kalhoro | Zia Qureshi | Khalil Chandio



THE VOICE OF SINDHI DIASPORA OF NORTH AMERICA

Sangat سنگت

SANA

جلد – 41 جنوري کان مارچ 2025ع شمارو پهريون





## Sangat A Voice of the Sindhi Diaspora in North America



**From the Editor's Desk Dr. Nasir Jamal Pathan**

Dear Readers,

It is with heartfelt pride and a sense of deep responsibility that we present this vibrant edition of Sangat, the quarterly newsletter of the Sindhi Association of North America (SANA). As a voice of the Sindhi diaspora, Sangat continues to serve as a bridge between Sindh and its global community, reflecting our cultural resilience, collective struggles, and unified aspirations. The year 2025 has already marked itself with powerful initiatives and gatherings that echo our enduring commitment to justice, heritage, and advocacy. We began the year on January 5 with a groundbreaking Religious Extremism: Existential Threats to Peace and Stability Conference in Hyderabad, where renowned scholars and activists came together to emphasize peace, interfaith harmony, and the rejection of intolerance. Just a few days later, on January 11, SANA hosted the Let the River Flow Water Conference, focusing on Sindh's water crisis and the urgent need to protect the mighty Indus River. Experts and activists raised crucial concerns about water theft and ecological degradation that threaten our land and livelihoods.

Our literary roots were honored on March 1 with an online memorial tribute organized by SANA's Adbi Committee to commemorate the contributions of two beloved Sindhi poets, Dr. Akkash Ansari and Dr. Zulfiqar Seyal. Their timeless verses continue to shape our cultural consciousness, and in this edition, we proudly feature one of Akkash Ansari's deeply moving poems. On March 9, SANA Women Wing celebrated International Women's Day through an engaging online seminar that amplified the voices and achievements of Sindhi women worldwide and showcased their efforts toward empowerment and equality. Adding to our advocacy efforts, on March 23, the SANA Advocacy Rights Committee hosted an international online conference titled Water Theft of Sindh: In the Mirror of History, drawing attention to the historical and current injustices surrounding Sindh's water rights.

This edition also addresses the alarming construction of six new canals on the Indus River, a development that poses a grave threat to Sindh's already diminishing water supply. Global protests under the banner of No More Canals on Indus have highlighted our collective resistance, with powerful images and voices included here. We are also pleased to introduce the newly elected members of the SANA Executive Council 20252026 and share the Treasurer's first-quarter report, reflecting financial transparency and organizational health. Through SANA in Media, we share how our efforts are gaining visibility worldwide. Sangat is more than a newsletterit is our united voice, a platform to preserve, protect, and promote Sindhi identity. Let's stand together in solidarity, for Sindh, and for our shared future.

# سانا جي ايگزيڪيٽو ڪائونسل (2025-2026)



پريزيڊنٽ
سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا

## ڊاڪٽر مقبول اي. هاليپوٽو

سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جا صدر آهن.

هو ماضيءَ ۾ سانا جو خزانچي ۽ پوءِ 2008ع کان 2012ع تائين جنرل سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي ڊاڪٽر مقبول اي. هاليپوٽو سنڌي آميريڪن پوليٽيڪل ايڪشن ڪميٽي (ساپيڪ) جو باني صدر آهي، ۽ سنڌي فائونڊيشن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو چيئرمين پڻ آهي. ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو سنڌ جي تاريخي شهر ۽ پراڻي راڄڌاني، درياهه سنڌ جي ڪناري تي آباد شهر حيدرآباد ۾ ڄائو هن وقت هو اسڪاٽسڊيل، اريزونا ۾ ميڊيڪل آنڪالاجسٽ طور ڪم ڪري رهيو آهي اريزونا وڃڻ کان اڳ، هن ڪينٽڪي رياست ۾ ڪم ڪيو، جتي هن غريب ۽ مستحق ماڻهن لاءِ طبي خدمتون انجام ڏنيون ۽ ڪيس آنرئيبل آرڊر آف ڪينٽڪي ڪولونلز جو ايوارڊ ڏنو ويو. ڊاڪٽر صاحب فنڊ فار ايڊيوڪيشنل ڊولپمينٽ ان سنڌ (فيڊس) جو باني ميمبر، اميريڪن سول لبرٽيز يونين (اي سي ايل يو)، اريزونا جو بورڊ ميمبر پڻ آهي سندس ڪتاب سنڌيز ان گلوبل ڪانٽيڪسٽ: پاسٽ، پريزنٽ، فيوچر، اينڊ اوريجنز سنڌ جي شاندار تاريخ، ورثي ۽ سڃاڻپ تي ٻڌل آهي، هي ڪتاب اميزان تي موجود آهي.ڊاڪٽر صاحب غير جانبدار فڪر، انسان دوست رويي ۽ مظلوم طبقي لاءِ خدمتن جي ڪري آمريڪا، ڪينيڊا، ۽ سنڌ جي سنڌي برادريءَ ۾ نهايت عزت، ساک ۽ سڃاڻپ رکي ٿو.



جنرل سيڪريٽري
سنڌي ايسوسيئيشن
آف نارٿ آمريڪا

**اسد علي شيخ**، سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جا جنرل سيڪريٽري آهن، سندن تعلق سنڌ جي تاريخي شهر روهڙيءَ سان آهي. اسد علي شيخ هڪ قابل آئي ٽي انجنيئر ۽ قانوندان پڻ آهي، اسد علي شيخ بنيادي تعليمَ سکر مان حاصل ڪئي، تنهن کان بعد هن پنهنجي گريجوئيشن ۽ قانون جون ڊگريون سکر مان حاصل ڪيون جڏهن ته ماسٽرس ان بزنس ائڊمنسٽريشن ڪراچي مان حاصل ڪئي. تنهن کان پوءِ اسد علي شيخ پنهنجي ڪيريئر جي باقاعده شروعات ڪي اليڪٽرڪ ۾ بزنس آپريشن سينٽر جي مينيجر طور خدمتون انجام ڏنيون —— تنهن ڪانپوءِ پاڻ متحده عرب امارات ۾ بطور ايچ آر ڊائريڪٽر خدمتون سرانجام ڏنائون. اسد علي شيخ متحده عرب امارات ۾ رهندي به سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت ڪرڻ نه وساريو عرب امارات ۾ رهندي اسد علي شيخ هميشه سنڌ ۽ ماروئڙن لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي پاڻَ مهراڻ ڪلچرل گروپ دبئي، يو اي اِي سنڌيز جا اهم رڪن رهيا. 2016ع ۾ اسد علي شيخ اعليٰ تعليمَ جي حصول لاءِ دبئي متحده عرب امارات کان آمريڪا آيا جِتي پاڻ نارٿ آمريڪن يونيورسٽيءَ مان ڪمپيوٽر سائنسز ۾ ماسٽرس جي سندَ حاصل ڪيائون، ۽ هن وقت پاڻ بزنس جي شعبي سان لاڳاپيل آهن. ان کان سواءِ اسد علي شيخ ۽ سندس دوستن جي ڪاوشن سان سنڌ کان ٻاهر 2022ع ۾ سنڌي ڪلچر ڏي، ٽيڪساز جي اسيمبلي کان منظور ڪرايو ۽ آمريڪا جي اها پهرين اسٽيٽ آهي جيڪا ڊسمبر جي پهرين آچر تي اهو ڏينهن سرڪاري طور ملهائيندي آهي، جنهن ۾ اسد علي شيخ جون سنڌ لاءِ هن تاريخي اعزاز لاءِ خدمتون شامل آهن. گذريل سال هائوس آف ريپريزنٽيٽوز، اسٽيٽ آف ٽيڪساز سندس ڪميونٽي جي خدمتن تحت کيس هڪ تعريفي سرٽيفڪيٽ ايوارڊ ڏنو، انهيءَ ڪري ڪي آمريڪا ۾ رهندڙ دوستن کيس "ٽيڪساز جي سنڌيءَ" جي لقبَ سان نوازيو. ان کان سواءِ اسد علي شيخ روٽري ۽ لائنز ڪلب ۾ به سرگرم رهندو آهي. اسد علي شيخ هن وقت سنڌي ڊائسفورا جي ٻين ادارن شاهه لطيف ڪلچرل انسٽيٽيوٽ ٽيڪساز جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جا ميمبر آهن جڏهن ته سنڌ هيريٽيج ميوزيم جا بنيادي ميمبر پڻ آهن. هن وقت هو هيوسٽن، ٽيڪساس، آمريڪا ۾ رهائش پذير آهي



وائس پريزيڊنٽ – آمريڪا
سنڌي ايسوسيئيشن
آف نارٿ آمريڪا

**اصغر پناڻ**، ضلعي سکر، تعلقي روهڙي ۾ ڄائو، هن 1986ع ۾ اسلاميه ڪاليج سکر مان گريجوئيشن ڪئي. هو هينئر رِچمنڊ، ٽيڪساس ۾ رهائش پذير آهي ۽ ڪاروبار سان لاڳاپيل آهي. اصغر پناڻ 1992ع کان هيئوسٽن، آمريڪا ۾ مقيم آهي ۽ گذريل ويهن سالن کان ڪميونٽي خدمتن ۾ سرگرم رهيو آهي.گذريل اي سي ۾ به اصغر پناڻ بطور وائس پريزيڊنٽ آمريڪا خدمتون انجام ڏئي چڪو آهي.



وائس پريزيڊنٽ – ڪئنادا
سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا

**سيد نقيب الحسن موسوي**، سکر سنڌ ۾ پيدا ٿيو. مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو مان اليڪٽرانڪس ۾ بي اي ڪئي. 2011ع کان مارڪم، اونٽاريو، ڪئناڊا ۾ مقيم آهي. پاڻ ريٽائرڊ هجڻ باوجود سماجي خدمتن ۾ سرگرم رهن ٿا. سُوئمنگ سان خاص دلچسپي رکن ٿا. سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا ۾ وائس پريزيڊنٽ ڪئناڊا جي حيثيت سان سنڌي ڪميونٽي جي خدمتن لاءِ پاڻ ڪي وقف ڪيو اٿن.



وائس پريزيڊنٽ وومين
سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا

**شاهده شيخ**، سنڌي ڪميونٽي جي نامور خاتون آهي سندس تعلق خيرپور ناٿن شاهه دادو سان آهي ۽ پاڻ سانا جي مقبول شخصيت ڊاڪٽر عبدالرئوف شيخ جي گهر واري آهي، پاڻ گذريل سانا اِي سي ۾ بطور وائس پريزڊنٽ وومين طور خدمتون انجام ڏنيون اٿس، سنڌ ۾ برساتن ۽ ٻوڏ دوران پاڻ سانا ٽيم ميمبر طور سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ وڃي سنڌي ماڻهن جي مدد ڪئي، هن 1993ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ ڪئناڊا ۾ گذريل 24 سالن کان مقيم آهي ۽ هن وقت اوڪ وِل، اونٽاريو ۾ رهائش پذير آهي.

# سانا جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل (2025-2026)



**وائس پريزيڊنٽ يوٿ**

**سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا**

**محمد اشهد پنهور**، جنهن کي پيار مان ”دانش“ سڏيو ويندو آهي، اصل ۾ سکر شهر جو رهاڪو آهي. هن 2022ع ۾ يونيورسٽي آف هيوسٽن مان سپلائي چين مينيجمينٽ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ هن وقت هيوسٽن، ٽيڪساس، آمريڪا ۾ مقيم آهي هن کي ٽريولنگ جو شوق آهي، ۽ سنڌي ثقافت سان ڏاڍي محبت رکي ٿو هو سنڌي نوجوانن ۾ تعليم، ترقي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو جذبو رکندڙ احساس رکي ٿو.



**جوائنٽ سيڪريٽري**

**سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا**

**علي خاصخيلي** شاهپور چاڪر سان تعلق رکي ٿو ۽ ڳوٺ ۾ پرائمري تعليم مڪمل ڪري ڪراچي ۾ آيو ۽ اين جي وي اسڪول مان 1986ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ وزٽ ويز تي آمريڪا آيو جتي هن ٻُشوڪ هاءِ اسڪول بروڪلين نيو يارڪ مان جي اِي ڊي پاس ڪئي. هو زندگي جي گذر سفر لاءِ مختلف ڪم ڪندو رهيو آهي جن ۾ ڪيب، گروسري اسٽورسميت مختلف ڪم شامل آهن. ڪيس ٽئن ٻارن جو اولاد آهي جيڪي ساٿس گڏ نيويارڪ ۾ رهن ٿا. علي خاصخيلي ٽرائي اسٽيٽ علائقي جي ڪيترن سنڌين سان ميل ميلاپ رکي ٿو، ڪميونٽي سان هميشه جڙيل رهيو آهي، سنڌي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ سرگرم آهي. علي خاصخيلي گڏريل اي سي ۾ ۽ بطور جوائنٽ سيڪريٽري خدمتون انجام ڏئي چڪو آهي.



**ٽريزرر**

**سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا**

**آڪاش ڪي راماڻي**، ٽنڊي الهيار، سنڌ ۾ ڄائو، هڪ متحرڪ سماجي ڪارڪن ۽ ڪاروباري شخصيت آهي. هن 2004ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڄامشورو مان اليڪٽرڪل انجنيئرنگ ۾ بي اِي ڪئي ۽ بعد ۾ ڪراچي مان مارڪيٽنگ ۾ ايم بي اي ڪئي. آڪاش 2020ع کان هيوسٽن، ٽيڪساس، آمريڪا ۾ مقيم آهي، آڪاش امن، محبت ۽ انسانيت جي پاڇي جو پرجوش حامي آهي. ڪيس سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي واڌاري جو جذبو آهي. هو ثقافتي سرگرمين، سماجي تحريڪن ۽ انساني حقن جي شعور لاءِ فعال آهي ۽ انتهاپسندي، زبردستي مذهب مٽائڻ ۽ مذهبي عدم برداشت جي سخت مخالفت ڪري ٿو.



**انفارميشن سيڪريٽري**

**سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا**

**حبيب ميمڻ**، ضلعي ٿرپارڪر جي شهر ڏيپلي ۾ ڄائو. هن 2000ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ۽ 2005ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي مان پوسٽ گريجويشن ڪئي. هو 2018ع کان ڪئناڊا ۾ آهي ۽ هن وقت مسي ساگا، ڪئناڊا ۾ مقيم آهي ۽ بطور پروجيڪٽ مينيجر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. هو ڪيترين ئي سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن سان رضاڪارانہ طور وابستگي رکي چڪو آهي، جن ۾ انڊس ڪلچرل اينڊ سوشل فورم (رياض) ، پي ايم آئي ليڪ شور، اونٽاريو، مهراڻ يونيورسٽي جي ڪئناڊا ۾ المنائي جي تنظيم، سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا ۽ دعا فاطمہ فائونڊيشن، حيدرآباد شامل آهن. حبيب ميمڻ، سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي اونٽاريو چيپٽر جي گذريل باڊي ۾ جنرل سيڪريٽري ۽ هن وقت سانا جي مرڪزي باڊي( 2025ع–2026) ۾ انفارميشن سيڪريٽري طور شامل آهي. هو رابطن، ڄاڻ جي فراهمي ۽ ڪميونٽي سان ڀائپي ۾ خاص مهارت رکي ٿو. سندس پڪو ارادو آهي تہ هو پنهنجي ڄاڻ، تجربي ۽ صلاحيتن وسيلي سنڌي ڪميونٽي جي خدمت ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.











# Let The River Flow

The Sindhi Association of North America (SANA) organized an important conference on the critical issue of Sindh's water crisis on January 11, 2025, at the Arts Council in Karachi. The event brought together leading voices from various sectors, including politics, academia, civil society, and agriculture, to address the growing threats posed by water scarcity, mismanagement, and controversial upstream projects affecting Sindh and its people. Notable speakers included Dr. Maqbool Halepota (President of SANA), Dr. Valeed Shaikh, Dr. Qadir Magsi, Naseer Memon, Ilahi Bux Bikak, Altaf Siyal, Jagdesh Kumar, Zulfikar Ali Bhutto Jr., Abrar Kazi, Ehsan Leghari, Mehmood Nawaz Shah, Wasand Thari, and Nisar Khuhro.

# THE PLUNDERING OF SINDH'S WATER IN THE LIGHT OF HISTORY

## (SANA ARC ONLINE WATER CONFERENCE)

An online conference was held by the Advocacy & Rights Committee of the Sindhi Association of North America (SANA) on March 23, 2025. Experts on the environment and Sindh's issues, Naseer Memon, water scholar Hassan Abbas, and Ayaz Latif Palijo, the leader of the Quomi Awami Tehreek, participated as special guests. The discussion focused on the historical theft of water from Sindh, the current issue of six disputed canals, and the ongoing water crisis. The Chairman of the committee, Zulfiqar Ali Khwaja, welcomed the guests and highlighted the objectives of the conference, appreciating the efforts of the SANA media team.



During the event, SANA President Dr. Maqbool Halepoto stated that historically, Sindh has faced many attacks, and now, there are constant assaults on Sindh's water resources. The delta of Sindh is deteriorating, and the lands of Badin, Thatta, and Karachi are being engulfed by the sea. This is a survival issue for us because if the river disappears, Sindh will cease to exist. We must take concrete steps now. SANA's General Secretary Asad Shaikh said that SANA is fighting for the survival of the Indus River. This is not just a battle for water but for our civilization, culture, and traditions. SANA's annual convention theme this year is "No More Canals on the Indus."

Environmental expert Naseer Memon explained that the British built these barrages and canals to settle their loyalists' lands, but these canals caused salinity in other areas, leading to devastation. Currently, the water reservoirs in Sindh are almost empty, glaciers are melting, and in the future, there will be a severe shortage of water. These canal dams are in hazardous zones. He suggested that SANA should collaborate with institutions specializing in water resources in the USA and UK to conduct an audit and study on the Indus River system to understand how it has been destroyed over the past 100-150 years. He also criticized corporate farming, saying that this approach was not about exporting agricultural products, but rather about exporting water, as without water, nothing would be possible. He called it an impractical experiment.

Water expert Hassan Abbas from Lahore shared various research findings, emphasizing that if corporate farming were to be implemented in desert regions, it would require water availability for 24 hours a day throughout the year. He questioned whether this would be feasible with canal systems and warned that the water in our rivers contains arsenic and other toxic substances. He pointed out that the world is becoming increasingly sensitive to environmental pollution, and foreign investors would not want to invest in such a degraded environment. He further noted that Pakistan's canal system is directly on surfaces, while in Cholistān, the canal system is uneven, made up of small and large ridges. He mentioned that India had spent billions of dollars on similar projects on the Beas, Ravi, and Sutlej rivers taken from Pakistan, but it had failed.

He also referred to a 2023 WAPDA report that stated that the construction of canals had disrupted inter-provincial harmony, leading to amendments in the IRSA Act. He suggested that if corporate farming were to be done, modern 21st-century methods should be adopted, which could start with lower costs. He proposed starting a pilot project on 1,000 acres in Sindh, which would be environmentally friendly and could receive financial assistance from global institutions.

Ayaz Latif Palijo, the leader of the Quomi Awami Tehreek, praised SANA's role in bringing global attention to the issue. He mentioned that the rulers had misjudged the people of Sindh, thinking that they could be appeased with political handouts like Benazir cards and Biryani plates. However, today, youth, women, and children from every city,village in Sindh, from Kachho to Thar, Laar and other regions, are rising up for the protection of Sindh. This is a battle for everyonerich, poor, men, and women alike. He warned that if the rulers push Sindh to the brink, they will face dire consequences, as Sindh will not stand idle and will continue to fight for its rights. At the end of the conference, SANA President Maqbool Halepoto presented a resolution which was unanimously approved by all the participants

**Resolution:**

SANA would not accept any canals, dams, or barrages or diversions on the Indus River, and would continue to fight alongside local Sindh and global organizations to abolish them. The resolution

'*****







# Religious Extremism Existential Threats to Peace and Stability














The Sindhi Association of North America (SANA) organized a significant conference titled "Religious Extremism: Existential Threats to Peace and Stability" on Sunday January 5, 2025, at the Sindh Museum Mumtaz Mirza Auditorium, Hyderabad. The event brought together a diverse panel of speakers who critically examined the roots, manifestations, and resistance to religious extremism in Pakistan. The session was moderated by Rumesa Jami Chandio.

The seminar featured speeches and discussions by Sindhu Nawaz Ghanghro, Aliya Buxhal, Amar Sindhu, Masroor Shah, Munizae Asma Jehangir, Naseer Memon, Jami Chandio, Tahira Abdullah, and keynote speaker Dr. A.H. Nayyar. They presented detailed arguments on the causes, challenges, and damages caused by religious extremism, holding the establishment and powerful institutions responsible.





Delivering the keynote address, physicist Dr. A.H. Nayyar highlighted how religious fanaticism and sectarianism deepened during General Ziaul Haq's rule, which positioned Pakistan as a religious state and enabled the rise of militant outfits. He stressed the need for a system built on tolerance, equality, and strict adherence to the rule of law to effectively counter extremism. Renowned human rights activist Tahira Abdullah strongly criticized the outdated and radicalized school curriculum, linking it to growing intolerance. She pointed out that the infamous 'mujahideen syllabus' was developed by the University of Nebraska in 1979 and called for inclusion of peace education and ethics in the curriculum. She condemned the continued influence of Zia-era Islamization laws.

Munizae Jehangir, co-chair of the Human Rights Commission of Pakistan (HRCP) and a prominent journalist, criticized the long-standing "military-mullah alliance," questioning the state's narrow security approach in dealing with borderless ideologies like the Taliban. She raised concerns about the lack of accountability in major extremist incidents, including the 2014 APS attack, and called for dismantling the deep state's policies.

Researcher and political thinker Jami Chandio urged for rejecting defeatism in discourse and encouraged strengthening progressive, secular politics as a lasting solution to temporary fascist waves. He praised Sindh's long-standing resistance to state narratives rooted in religious extremism and its rejection of corporate farming models.

During the seminar, renowned poet Dr. Akkash Ansari was invited on stage to recite his revolutionary poetry, which captivated the audience. Additionally, a young artist, Farhan Soomro, performed poetic pieces on guitar, themed on the sweet essence of the Mehran (Indus), and received applause.

An audio message from SANA General Secretary Asad Shaikh was played, in which he reaffirmed SANA's commitment to fighting religious extremism and promoting values of tolerance in Sindh.

SANA President Dr. Maqbool Halepoto, in his address, stated that "The Romans built monuments, the Egyptians built pyramids for their kings, but the Sindhi nation-built Moen Jo Daro a place without a temple or religious structure. The Sindhi people have been secular for over 5,000 years and continue to resist religious extremism to this day."

Former SANA President Waleed Shaikh also delivered a brief speech.

Among the distinguished guests in the audience were SANA Women VP Shahida Shaikh, Joint Secretary Ali Khaskheli, Dr. Rauf Shaikh, Dr. Nasir Jamal Pathan, Dr. Shahid Qureshi, Dr. Ijaz Turk, Abdul Jabbar Lashari, Abrar Qazi of the Awami Jamhoori Party, Dr. Ismail Kumbhar, Dr. Somar Khoso, Aslam Baloch, Suleman Ji Abro, Irfana Mallah, Rauf Chandio, and several representatives of national media.

At the end, former SANA President Sunny Panhwar presented resolutions, which were unanimously passed by the audience. The resolutions were as follows:

- All state institutions and ruling classes must reject all forms of religious fanaticism by learning lessons from Pakistan's and global history and immediately stop supporting extremism.
- An independent judicial inquiry must be conducted into the extrajudicial killing of martyr Shahnawaz Kumbhar in Mirpur Khas Range, and all individuals involved must be exposed and punished under the law.
- Fugitive police officials and the local MNA and religious extremists who garlanded them should be arrested without delay, prosecuted, and stripped of any support.
- Any false accusation under the pretext of blasphemy used for personal revenge or murder should be declared an act of terrorism. Misuse or misinterpretation of religion should be considered a crime against the state and the public. Cases under terrorism laws should be filed against those spreading hate and fear in the name of religion, and action taken under the National Action Plan.
- All religious minorities across Pakistan's provinces must be treated as equal citizens and all forms of discrimination and bias against them must be abolished.

(Report: Dr. Nasir Jamal Pathan)








# سانا پاران ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي پيٽا



اسحاق تنيو

سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جي ادبي ڪميٽي پاران 1 مارچ 2025 تي ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي پيٽا ڏيڻ لاءِ عالمي آن لائن تعزيتي ميڙاڪي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ آمريڪا، ڪينيڊا، يورپ، وچ اوڀر، آسٽريليا، ۽ هندستان سميت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان شاعر، ليکڪ، صحافي، ۽ ادب دوستن شرڪت ڪئي. هي پروگرام زوم ذريعي نشر ڪيو ويو۽ سانا جي سوشل ميڊيا پليٽ فارمن، جهڙوڪ فيس بڪ، ايڪس (ٽوئيٽر)، ۽ يوٽيوب تي پڻ هزارين ماڻهن ڏٺو.

پروگرام جي صدارت سانا ادبي ڪميٽي جي چيئرمين اسحاق تنيو ڪئي، جنهن پنهنجي آجيان واري تقرير ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي ادبي حيثيت تي روشني وڌي. سانا جي ادبي ڪميٽي جي ميمبرن اختر سُرهيو روحي ڪلهوڙو نصرت لاشاري ۽ منظور ميراڻي، مختلف مقررن کي متعارف ڪرائڻ جو شاندار انتظام ڪيو.

سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو ٻنهي شاعرن جي شاعري ۽ ادبي خدمتن کي سنڌي ادب لاءِ تاريخي حيثيت وارو قرار ڏنو. سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد شيخ، ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي شاعري مان هڪ مشهور نظم پڙهيو جڏهن ته مختلف شاعرن، اديبن، ۽ دانشورن پنهنجي پيٽا پيش ڪئي.

جامي چانڊيو نصير مرزا، انعام شيخ، ناز سهتو ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر مشتاق قل، شبنم گل، غلام قادر ملاح، اياز گل، ميرا آڪاش (ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي نياڻي)، سعد سيال (ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو فرزند)، بدين مان ڊاڪٽر علم الدين انصاري (ڊاڪٽر آڪاش جو ويجهو عزيز دوست) ٽورنٽو ڪينيڊا مان عبدالعليم سومرو حبيب ميمڻ، اشفاق ميمڻ، اختر سرهيو امتياز شيخ، ممتاز شر، مهيش ڪمار ڊاڪٽر ناصر جمال پناڻ، ۽ اعجاز قريشي پنهنجي تقريرن ۾ انهن شاعرن جي شاعري، فڪر، ۽ ادبي ڪم تي تفصيل سان روشني وڌي جڏهن ته نصير












مرزا آڪاش انصاري جي تحت الفظ شاعري پڙهي ۽ عابده پروين جي ڳاٽيجي ۽ نامور راڳي سعيد تنيو آڪاش انصاري جي ڪلامن کي جهونگاري محفل کي گرمائي ڇڏيو.

عالمي سطح تي منعقد ٿيل هي پروگرام سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جي شروعات طور ڏٺو ويو. ڪئناڊا ، آمريڪا سان گڏ سعودي عرب مان ادي نرگس ابڙو مسي ساگا ڪئناڊا مان خير محمد ڪولاچي، عبدالرزاق خشڪ، لاهور، اسلام آباد مان سنڌي شاگردن جي گروپن، ڀهارفائونڊيشن ۽ منهنجي امڙ لائيبريري، سنڌي ادبي سنگت گلشن معمار مان آغا سعيد ۽ پروفيسر عابد مظهر، ماروي تنظيم بدين جي ست، حيدرآباد مان ذوالفقار هاليپوٽي جي ست، جوهي ضلع دادو مان زين ڪوسي جي ست، مٺي ٿرپارڪر مان سنگتراش صحرائي جي ست،ا سلام ڪوٽ ٿر مان عبدالقيوم ۽ نثار موسيپوٽو سانگهڙ مان شوڪت چانڊيو، ذوالفقارسيال، لال بشير، جهڏو کان چندرراج ، ملير مان گستا اڳواڻ مقبول سهتو عرفان عباسي، ڪراچي مان آفتاب تنيو جي ست، ڊاڪٽر عابده گهانگهرو، سلطان وقاصي، ڊاڪٽر روبينا چانڊيو، ڊاڪٽر اعجازترڪ، ڪيڏ بدين مان عبدالغفور چانڊيي جي ست ۽ بين مختلف هنڌن تان دوستن هن ميڙاڪي ۾ شموليت اختيار ڪئي. ڪراچي، حيدرآباد، مسي ساگا ڪئناڊا ۾ بين شهرن ۾ دوستن شمعون ٻاري انهن شاعرن کي ڀيٽا پيش ڪئي.

سانا جي اطلاعات سيڪريٽري، حبيب ميمڻ ۽ سانا ميڊيا ڪميٽي جي چيئرمين، ڊاڪٽر ناصر جمال پناڻ ٽيڪنيڪل سهڪار فراهم ڪيو جنهن سبب پروگرام بنا ڪنهن دير جي جاري رهيو.سانا جي سابق صدر خالد هاشماڻي هن پروگرام کي "عالمي سنڌي پروگرام" قرار ڏيندي چيو ته اهڙين تقريبن سان سنڌي ٻولي، ادب، ۽ ثقافت زنده رهندي

اختتام تي شرڪت ڪندڙن موم بتيون ٻاري ٻنهي شاعرن کي ڀيٽا پيش ڪئي. متفق طور تي چيو ويو ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ادب جا سرمايا هئا، جن جو فڪر ۽ شاعري سنڌ جي نئين نسل لاءِ مشعل راهه بڻجندي.










# سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي عورت ونگ پاران "عورتن جي بااختياري" تي آن لائن سيمينار

سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جي وومين ونگ، عالمي عورتن جي ڏھاڙي جي موقعي تي "عورتن جي بااختياري" جي عنوان سان ھڪ آن لائن سيمينار منعقد ڪيو، جنھن ۾ سنڌ سان گڏ دنيا جي مختلف حصن جھڙوڪ آمريڪا، ڪئناڊا، ھندستان ۽ سعودي عرب مان سنڌي عورتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول ھاليپوٽي مبارڪ ڏيندي چيو تہ سانا عورتن ڪي برابري جي بنياد تي ڏسي ٿي، سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد شيخ چيو تہ اسان کي سنڌي عورتن جي بااختياري لاءِ گڏجي ڪوششون ڪرڻيون پونديون . اسان مردن کي پنھنجين نياڻين، ڀينرن، زالن جي ھمت افزائي ڪرڻي پوندي، انفارميشن سيڪريٽري حبيب ميمڻ چيو تہ ھر شعبي ۾ اسان جي عورتن کي اڳتي اچڻ کپي.

سانا وومين ونگ جي وائس پريزيڊنٽ شاھده شيخ سيمينار جي شروعات ڪندي مھمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ چيو تہ عورتن جو عالمي ڏھاڙو نہ صرف عورتن جي عظمت جو اعتراف آھي، پر اُن جدوجھد جي ياد ڏيارڻ لاءِ بہ آھي، جيڪي اسان جون ڀينرون، مائرون، ڌيئرون ۽ ھمت واريون عورتون ھر ڏينھن پنھنجي حقن لاءِ وڙھي رھيون آھن ۽ ھن سيمنيار کي سنڌي عورتن جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل اڳواڻن سان ملاقات جو بھترين موقعو قرار ڏنو. ھن چيو تہ اسان کي پنھنجي تجربن جي ڏي وٺ ذريعي عورتن جي بااختياري لاءِ اڳتي وڌڻ گھرجي مھمان خاص ھم ٽي وي نيٽ ورڪ جي باني سلطانہ صديقي ٻڌايو تہ ھو سائوٿ ايشيا جي واحد عورت آھي جيڪا 6 چينلن کي ليڊ ڪري پئي، ھن ٻڌايو تہ منھنجي فيملي ۽ خصوصن منھنجي پاءُ مظھرالحق صديقي منھنجي ھمت افزائي ڪئي، ھن ٻڌايو تہ منھنجو 50 سالن کان وڌيڪ عرصو ميڊيا انڊسٽري ۾ گذريو آھي، ھن ٻڌايو تہ ھوءَ ڪراچي ۾ نان پرافٽ ميڊيا يونيورسٽي قائم ڪري رھي آھي.

ان موقعي تي ڊاڪٽر عائشہ ڏاريجو خطاب ڪندي چيو تہ ھوءَ ۽ سندس تنظيم سنڌ جي ڀِنتي ڀيل ۽ ظلم ھيٺ آيل طبقن، خاص ڪري عورتن، جي مدد لاءِ ڪم ڪري رھي آھي، خاص طور تي سنڌ جي ڏورانھن علائقن ۾، ھن ان سلسلي ۾ سانا کي سھڪار جي اپيل ڪئي، سنڌياڻي تحريڪ جي حورالنساءَ پليجو چيو تہ آئون انھن عورتن کي سلام ٿي ڪريان جن انساني حقن لاءِ جدوجھد ڪئي جنھن جو فائدو اسان سيني عورتن کي ملي رھيو آھي، ان موقعي تي شاھده غلام رسول چيو تہ آئون حيدرآباد وومين چيمبر آف ڪامرس جي چيئرپرسن آھيان آئون پاڪستان جي تاريخ ۾ واحد عورت آھيان جيڪا وومين چيمبر جي فائونڊر آھيان، سعودي عرب مان ساجدہ سانا جي ھن ڪوشش کي ساراھيو، پروفيسر نجمہ ميمڻ پڻ خطاب ڪيو ھندوستان مان ٻن نامور سنڌياڻين ديپا چوھان ۽ برکا خوشحالاڻي شرڪت ڪئي، ديپا چوھان چيو تہ ھو شيف آھي وڏن ادارن سان وابستہ آھي ، ھن چيو تہ مون سنڌ جو نالو سنڌ جا کاڌا، دنيا ۾ متعارف ڪرايا آھن، مون سنڌي رسوئي جي نالي تي مقامي ٽي وي لاءِ 12 قسطن ۾ ڊاڪيومينٽري ٺاھي آھي. برکا خوشحالاڻي چيو تہ منھنجا بابا ورھاڱي جي 52 سالن کان پوءِ سنڌ ويا ھن کي اتي ڏاڍيون محبتون مليون ۽ ھنن سفرنامو لکيو تون سنڌ ۾ رھي پئو، اسان جو دل اڄ بہ سنڌ سان ڌڙڪي ٿو.

سورج پليجوھڪ انقلابي گيت ٻڌايو، وڙھو وڙھو اي ساٿيو، ان کان سواءِ ايش رياض ميمڻ خوبصورت پينٽنگ شيئر ڪئي ۽ شعر ٻڌايو، جڏھن تہ سيما تنيو، عابدہ منير، روحي ڪلھوڙو، انيتا پيرزادو ۽ عنيزہ شاہ ماڊريشن ڪئي آخر ۾ ھڪ ٺھراءُ پيش ڪيو ويو جنھن ۾ چولستان ۾ سنڌو درياھ تان ڇھ ڪئنالن جي اڏاوت جي سخت مذمت ڪئي وئي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو تہ ھي غير قانوني ۽ سنڌ دشمني تي ٻڌل منصوبي کي فوري طور تي روڪيو وڃي.











# Treasurer Report

SINDHI ASSOCIATION OF NORTH AMERICA
SANA

Sindhi Association of North America (SANA)

**Treasurer's First Quarterly Report 2025**
**Reporting Period:** January 1, 2025 – March 31, 2025
**Prepared by:** Akash K Ramani, Treasurer
**Date:** 04/05/2025

## Purpose of the Report

This report is prepared to share a transparent and detailed overview of the financial activities and progress made in the first quarter of 2025. During the SANA election campaign, we made a commitment to improve financial transparency, accountability, and compliance with the organization's bylaws. This report is a reflection of our promise to the community and serves as a formal update for all SANA members.

## Message from the Treasurer – Akash K Ramani

I would like to begin by expressing my sincere gratitude to all members of the **Executive Council**, all Committees, LOC, for their unwavering support, guidance, and confidence throughout this term so far. Their collaboration and collective commitment to transparency and professionalism have been instrumental in the progress we have made.

I am equally thankful to all members of the Sindhi community in North America who participated in the electoral process — both those who voted for me and those who did not. I deeply respect the trust placed in me and **wholeheartedly assure each and every one of you** that I will carry out my responsibilities with the **highest level of transparency, integrity, and alignment with SANA's bylaws**. This role is not about position — it is about service. I am here to serve **in the best interests of SANA and the broader Sindhi community**, and I remain committed to acting in accordance with your expectations and our shared values.

## Key Achievements and Initiatives

*1. Strengthening Financial Transparency*

- We have taken serious steps to bring transparency to all financial operations of SANA.
- No payment is processed without prior Executive Council (EC) approval, in full accordance with the SANA bylaws.
- All expenses exceeding $1,000 are documented and discussed in EC meeting Minutes of Meeting (MOM).
- We have prohibited the use of personal cards or cash by EC members for SANA expenses. All expenditures are to be processed through official SANA accounts only.
- Cash transactions are strongly discouraged, to ensure clear financial trails.
- For the first time, we are preparing a proper balance sheet and income statement — documents that were either never prepared by previous Treasurers or were never handed over to the current Treasurer.
- We are also maintaining receipts for all expenses, which had not been the practice before. The outgoing Treasurer did not hand over any expense receipts or supporting records, which are essential for transparency and future audits.
- As per the handover/takeover list, only 40% of the items were received by the current Treasurer, which made the transition challenging and highlighted the urgent need for a better system — which we are now establishing.



SINDHI ASSOCIATION OF NORTH AMERICA
SANA

*2. 501(c)(3) Awareness and Tax Exemption Letters*

- We actively promoted awareness of SANA's 501(c)(3) non-profit status in USA, informing members that their donations are tax-deductible.
- Seven members requested official tax exemption letters, all of which were issued accordingly.
- For many, this was the first time they learned SANA had the authority to issue such documentation.

*3. Initiating Financial Audit Process*

In pursuit of complete transparency, we have begun the groundwork for conducting a formal **third-party audit**. Below is our proposed timeline:

1. **EC approval for conducting Audit – January 2025** ✅
2. **Collection of Audit Quotes** – March 2025 ✅
3. **Negotiations with Auditors** – April 2025
4. **Approval from EC on Final Quote** – May 2025
5. **Collection of Funds for Audit** – May 2025
6. **Tax Return Filing for FY 2024** – June 2025
7. **Agreement with Selected Audit Firm** – July 2025
8. **Audit Commencement** – August 2025

*4. Rebuilding Records from Scratch*

One of our biggest challenges is the **lack of historical financial and donor records**. Upon taking office:

- There was **no list of previous advertisers, sponsors, or donors**.
- No data was provided on their **contribution amounts**.
- There was **no culture of maintaining receipts or financial documentation**, which we have now formally introduced.
- All formats, like bank reconciliation, payment receipts, etc are created and will be handed over to next treasurer too

Despite this, we are now building organized systems that will benefit the organization for years to come.

*5. Sponsorship & Advertisement Campaign for Convention*

- For the **first time**, SANA has launched a structured and strategic **sponsorship and advertisement campaign** under the leadership of the Treasurer.
- A dedicated **Sponsorship Committee** is actively reaching out to **businesses and individuals across North America**.
- Some businesses hesitated to support us due to a lack of sufficient **paid membership base (<5,000)**. However, we believe that even maintaining a database of **non-paying Sindhis in North America** can help us secure sponsorships and build influence in future conventions.
- This is a long-term effort, and we are optimistic about its success.

*6. Financial Record-Keeping Improvements*

- We now maintain bank reconciliation files — a first in SANA history.
- A dedicated record of all donations received is maintained and securely stored.
- A clear and documented handover/takeover process was introduced and signed to keep track of all materials and records received.



SINDHI ASSOCIATION OF NORTH AMERICA
SANA

- We are also maintaining a file of all expenses and related documentation to ensure smooth transition for future Treasurers or for any potential audits.

*7. Sindhi Cultural Center Campaign*

- As promised during the election, a detailed and visionary plan for establishing a **Sindhi Cultural Center** has been developed and will be sent to EC for review soon.
- We plan to launch our fundraising campaign for the first Cultural Center at the 41st Annual SANA Convention, under leadership of our chair fund raising committee subject to EC approval.
- This center will serve as SANA Office and a permanent cultural, educational, and community hub for Sindhis in North America.

*8. $10/Month Donation Initiative*

- A new grassroots initiative was launched, encouraging members to commit to just $10 per month.
- 73 members have already confirmed**,** and several have begun their contributions.
- This program is expected to provide sustainable support for SANA's long-term goals.

**SANA Bank Accounts status:**

| | Opening Balance 01/01/2025 | Q1 - 2025 | | |
|---|---|---|---|---|
| | | **1/31/2025** | **2/28/2025** | **03/312025** |
| Life Members A/C | 93,586.59 | 93,589.77 | 93,592.64 | 94,592.64 |
| A/C ****470 | 44,230.39 | 45,288.10 | 33,931.67 | 34,147.22 |
| A/C ****518 | 12,458.09 | 16,788.65 | 17,857.43 | 18,202.20 |
| | **150,275.07** | **155,666.52** | **145,381.74** | **146,942.06** |

**Summary of Expenses:**

| | | |
|---|---|---|
| General Expense | (1,950.65) | Online plat forms, banks fees, Karachi seminar, etc |
| Sehcar | (5,500.00) | 4 Different projects |
| SYNA | (1,500.00) | 2 Different project |
| Convention | (10,000.00) | 2nd Advance Payment to Hotel |
| FAME | (293.10) | One scholarship for SZABIST |

## Closing Remarks

While this first quarter has been challenging, especially due to missing records and lack of proper handover, we've made substantial progress in systemizing SANA's financial affairs. We are committed to building a transparent, organized, and professional financial structure that supports SANA's mission and gains the trust of our community.

We thank all members and EC colleagues for their continued support and participation in this collective journey. Together, we are laying the foundation for a stronger and more transparent SANA.

